
قرآني بيان
يتيمن جا والي
مدني مراڪز (فيضان مدينه) ۾ شعبه امام مساجد (دعوتِ اسلامي)
جي تحت مسجدن جي لاءِ
سيپٽمبر، 2026ء (متوقع اسلامي تاريخ 21 ربيع الاول،1448 هه)
جمعة المبارک جو

مدني مراڪز (فيضانِ مدينہ) ۾ شعبہ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ 4 سيپٽمبر 2026ء (متوقع اسلامي تاريخ 21 ربيع الاول 1448ھ) جمعة المبارڪ جو

قرآني بيان

بنام

يتيمن جا والي

هن بيان ۾ توهان ڇاڻي سگهندؤ...

- ... ڪائنات جون سڀ کان بهترين دليون
- ... پياري آقا جا ظاهري ڪمالات
- ... پياري آقا جا جسماني ڪمالات
- ... پين مبارڪ عُضون جا مُعجزا

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامي)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۙ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ؕ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ اللّٰه

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتكاف جي نيّت ڪئي)

درودِ پاڪ جي فضيلت

حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُما کان روايت آهي، جڏهن والدِ مصطفيٰ، حضرت عبدالله رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي وفات ٿي تہ ملائڪن الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيو: اي الله پاڪ! تنهنجو نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم والد بغير رهجي ويو. رب ڪريم فرمايو: اَنَالَهٗ حَافِظٌ وَنَصِيْرٌ اي منهنجا ملائڪو! اهي منهنجا محبوب آهن، انهن جي حفاظت ڪرڻ وارو به مان آهيان، انهن جو مددگار به مان آهيان.[1]

هڪ روايت ۾ آهي: الله پاڪ فرمايو: اَنَا وَلِيُّهٗ وَحَافِظُهٗ وَحَامِيْهٖ وَرَبُّهٗ وَعَوْنُهٗ وَرَازِقُهٗ وَكَافِيْهٖ يعني اي منهنجا ملائڪو! اهي منهنجا محبوب آهن، مان ئي انهن جو والي آهيان، مان ئي انهن جو محافظ آهيان، مان ئي انهن جو حامي آهيان، مان ئي انهن جو رب آهيان، مان ئي انهن جو مددگار آهيان، مان ئي انهن جو رازق آهيان ۽ مان انهن جي لاءِ هر طرح سان ڪافي آهيان. فَصَلُّوْا عَلَيْهِ وَتَبَرَّكُوْا بِاسْمِهٖ يعني اي ملائڪو! توهان منهنجي محبوب تي درود موڪليو ۽ سندن مبارڪ نالي جون برڪتون حاصل ڪريو..![2]

دست بستہ سب فرشتے پڑھتے ہیں اُن پر دُرود

1 ...مواہب لدنیہ،المقصد الاول، آیات حملہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم ، جلد:1، صفحہ:64۔
2...شرح الزرقانی،المقصد الاول، ذکر تزوج عبداللہ آمنۃ، جلد:1، صفحہ:207۔

کیوں نہ ہو پھر وِرد اپنا اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام
مومنو پڑھتے نہیں کیوں اپنے آقا پر دُرود
ہے فرشتوں کا وظیفہ اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام[1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

قَالَ اللّٰہُ تَبَارَکَ وَتَعَالٰی فِی الْقُرْآنِ الْکَرِیْم (الله تبارک و تعاليٰ قرآنِ کريم ۾ فرمائي ٿو):

اَلَمْ یَجِدْكَ یَتِیْمًا فَاٰوٰى ۪ۙ (پاره:30، سورۃ الضحیٰ:6)

صَدَقَ اللّٰہُ الْعَظِیْم وَصَدَقَ رَسُوْلُہُ النَّبِیُّ الْکَرِیْم صلّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم۔

ترجمو کنزُ العرفان: چا ان توکي يتيم نہ ڏٺو پوءِ جاءِ ڏنائين.

پيارا اسلامي پائرو! گذريل جمعي اسان سورهءِ والضحیٰ جي آيت نمبر 5 ۽ ان جي کجهہ وضاحت ۽ تفصيل بڌڻ جي سعادت حاصل کئي هئي، جنهن ۾ اهو بيان هو تہ الله ربُّ العزت کي پنهنجي محبوب صلّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم سان بي پناهہ محبت آهي، ايتري محبت جو اهو رب العالمين هر معاملي ۾ پنهنجي محبوب صلّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي رضا چاهي ٿو ۽ اها رضا ربِ کائنات کي اهڙي گهربل (مطلوب) آهي جو محبوب جي مرضي پوري فرمائڻ ۾ تمام گهڻي جلدي فرمائي ٿو. اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ چا تہ خوب فرمايو آهي...!

خُدا کی رضا چاہتے ہیں دو عالَم | خُدا چاہتا ہے رضائے مُحَمَّد[2]

1...قبالۂ بخشش، صفحہ:164۔

2...حدائقِ بخشش، صفحہ:65۔

غير مسلمن جي دماغ ۾ هڪ خَبط (يعني فاسد خيال) هو، اهي چوندا هئا تہ اسان مان، اسان جهڙو ئي هڪ بشر آخر نبوت جي بلند درجي تي ڪيئن پهچي سگهن ٿو؟ هي انهن جي ان بري خيال جو هڪ علاج آهي تہ محبوبِ ذيشان صلّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم وَسَلَّم توهان جهڙا هرگز ناهن، بلڪ توهان تہ چا...!! مخلوق ۾ ڪو بہ سندن مثل ناهي. سڄي مخلوق جو هي عالَم آهي تہ سڀ الله پاڪ جي رضا چاهين ٿا پر محبوبِ ذيشان صلّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو اهو شان آهي تہ الله پاڪ کي سندن رضا محبوب آهي.

مصطفےٰ ہیں ساری خلقت کے لیے | ساری خلقت ہے برائے مصطفےٰ
ڈھونڈتے ہیں سب رِضا اللہ کی | چاہتا ہے حق رِضائے مصطفےٰ(1)

آيتِ ڪريم جي مختصر وضاحت

پيارا اسلامي پائرو! محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صلّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ۽ بي سڄي مخلوقات ۾ ڪهڙو فرق آهي، رب ڪائنات هتي ان جا ٿي وڌيڪ مثال ذڪر فرمايا آهن. هتي ذڪر اهو آهي تہ محبوبِ ذيشان صلّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جهڙو ڪوبہ ناهي، اهي پنهنجي هر ڪمال ۾ اڪيلا ۽ بي مثال آهن، پر جيڪو ڪلام جو رخ آهي اهو پياري آقا صلّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي طرف آهي. يعني الله پاڪ مخلوق کي اهو نہ ٻڌايو تہ اسان جا محبوب اهڙي شان وارا آهن، بلڪ پنهنجي محبوب صلّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي ئي مخاطب ڪري فرمايو: اي محبوب! چا توهان جا اهڙا اهڙا شان نہ آهن...؟ چا توهان جي رب ڪريم توهان کي اهڙا اهڙا بلند مقام عطا ناهن ڪيا؟ ضرور عطا ڪيا آهن.

سب سے بڑھ کر فضل تیرا اے کریم! | ہے وجودِ اقدس خیر الوَرَا
ہر کرم کی وجہ یہ فضلِ عظیم | صدقہ ہیں سب نعمتیں اِس فضل کا(2)

1...قبالۂ بخشش، صفحہ:80۔

2...ذوق نعت، صفحہ:312و 313۔

هي انهن آيتن جو هڪ اسلوب (انداز) آهي جيڪو مون توهان جي خدمت ۾ پيش ڪيو. اچو! هاڻي آيتِ ڪريمه، ان جي وضاحت ۽ ان مان معلوم ٿيندڙ پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شانن کي بڌون ٿا. الله پاڪ فرمائي ٿو:

اَلَمْ يَجِدْكَ يَتِيْمًا فَاٰوٰى ۪ۙ﴿۶﴾

(پاره:30، سورۂ الضحیٰ:6)

ترجمو ڪنزُ العرفان: ڇا ان توکي يتيم نه ڏٺو پوءِ جاءِ ڏنائين

آيتِ ڪريمه جي پُر ذوق وضاحت

پيارا اسلامي پائرو! آيتِ ڪريمه ۾ لفظ يتيم جي معنيٰ ۽ مطلب ڇا آهي؟ اها هڪ مڪمل بحث آهي، ان طرف اسان پوءِ اچون ٿا، پهريان ٿورو ڏسو ته ربِّ رحمان پنهنجي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ڪهڙي پياري انداز ۾ محبت جو اظهار فرمايو آهي. پنهنجي ايماني ذوق کي ڪجهه تازو ڪري هن انداز تي غور فرمايو! الله پاڪ پنهنجي محبوبِ ذيشان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي هڪ انعام فرمايو هو، هن آيت ۾ ان انعام جو ذڪر ڪيو ويو وڃي.

هاڻي معاملو اهو آهي ته جڏهن انعام ۽ احسان ڪنهن کي ياد ڏيارڻ ويندو آهي ته ان جا ٻه مقصد هوندا آهن: (1): ڪنهن کي انعام ان ڪري ياد ڏيارڻ ويندو آهي ته جيئن هو احسان مڃي ۽ فرمانبرداري اختيار ڪري جيئن الله پاڪ سوره رحمٰن ۾ بار بار فرمايو:

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿۱۶﴾

(سيپارو: 27، الرحمٰن: 16)

ترجمو ڪنزُ العرفان: پوءِ (اي جنڙ ۽ انسانڙ!) توهان ٻئي پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ؟

سورهءِ واقعه ۾ فرمايو:

نَحْنُ خَلَقْنٰكُمْ فَلَوْلَا تُصَدِّقُوْنَ ﴿۵۷﴾

(سيپارو: 27، الواقعه: 57)

ترجمو ڪنزُ العرفان: اسان توهان کي پيدا ڪيو پوءِ توهان چو سچ نٿا مڃو؟

اهڙي طرح قرآن ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي الله پاڪ اسان انسانن کي پنهنجا احسان ۽ انعام ياد ڏياريا ۽ فرمايو: انهن انعامن جو شڪر ادا ڪريو ۽ اسان جا فرمانبردار ٿي وڃو! هي قرآنِ ڪريم جو اسان عام انسانن متعلق اسلوب (انداز) آهي، اسان کي احسان ياد ڏياريو وڃي ٿو تہ جيئن فرمانبرداري اختيار ڪريون.

(2):احسان ياد ڏيارڻ جو هڪ ٻيو مقصد هوندو آهي تسلي ڏيڻ. سامهون واري کي تسلي ڏني ويندي آهي تہ جيڪو توهان لاءِ پهريان ايترو ڪجهہ ڪري چڪو آهي، اهو وڌيڪ ڀلايون ڇو نہ ڪندو؟ اهو ئي اسلوب هتي اختيار ڪيو ويو آهي. معاملو اهو هو تہ ڪجهہ ڏينهن لاءِ وحي نہ آئي هئي، رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي دل مبارڪ اداس هئي، غير مسلم، مڪي شريف جا ڪافر ان کي غلط رنگ ڏئي رهيا هئا، اهي چوندا هئا: محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي رب کين ڇڏي ڏنو آهي.معاذالله!

ان تي الله پاڪ سورهءِ والضحىٰ نازل فرمائي [1] ۽ ان ۾ اهي احسان ياد ڏياريا، فرمايو:

اَلَمْ يَجِدْكَ يَتِيْمًا فَاٰوٰى ۝٦ (پاره:30، سورۂ الضحىٰ:6)

ترجمو ڪنزُ العرفان: ڇا ان توکي يتيم نہ ڏٺو پوءِ جاءِ ڏنائين.

وَ وَجَدَكَ ضَآلًّا فَهَدٰى ۝٧ (سيپارو: 30، الضحيٰ: 7)

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ ان توکي پنهنجي محبت ۾ گم ڏٺو تہ پنهنجي طرف راهہ ڏنائين.

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ ان توکي حاجت مند ڏٺو تہ غني ڪري ڇڏيائين.

1...تفسير بغوی، پاره:30، سورۂ ضحیٰ،جلد:4، صفحہ:631 خلاصۃً۔

وَوَجَدَكَ عَآىِٕلًا فَاَغْنٰىؕ﴿۸﴾

(سيپارو: 30، الضحي: 8)

ترجمو كنزُ العرفان: ۽ ان توكي حاجت مند ڏٺو تہ غني كري ڇڏيائين.

يعني اي پيارا محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! توهان جو رب كريم جنهن پهريان توهان تي اهڙا اهڙا حسان كيا آهن، چا اهو رب رحمن توهان كي ڇڏي ڏيندو؟ توهان كان ناراض ٿيندو...؟ نہ...! هرگز نہ، ائين كڏهن بہ نہ ٿيندو، توهان تسلي ركو! پنهنجي دل كي پُر سكون ركو! توهان جو رب هميشہ توهان سان گڏ آهي، جيئن پهريان توهان تي انعام كيا اٿائين، هي انعامن جي بارش هميشہ توهان تي وسندي ئي رهندي.

رَحمَةٌ لِّلعٰلَمِیں ہو، اور شَفِیعُ الْمُذْنِبِیں ہو

فَضلِ ربّ سے کیا نہیں ہو، بعد ربّ کے بس تمہیں ہو

یَانَبِی سَلَامٌ عَلَیْكَ یَارَسُوْل سَلَامٌ عَلَیْكَ

یَاحَبِیْب سَلَامٌ عَلَیْكَ صَلَوٰةُ اللهِ عَلَیْكَ[1]

سبحان الله! منهنجي آقا ۽ مولا، مكي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي كهڙو تہ شان آهي! رب رحمٰن ساڻس كيڏي محبت فرمائي ٿو، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي دل مبارك اداس ٿئي، الله كي اهو منظور ئي ناهي. ان كري مولانا حسن رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا:

كسي كو كسي سے ہوئي ہے نہ ہوگي | خُدا كو ہے جتني محبّت كسي كي

1...وسائل بخشش، صفحہ:614۔

لفظ يتيم جون ٻہ معنائون

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ فرمايو:

اَلَمْ يَجِدْكَ يَتِيْمًا فَاٰوٰى ۝٦ (پاره:30، سورۂ الضحیٰ:6)

ترجمو ڪنزُ العرفان: ڇا ان توکي يتيم نہ ڏٺو پوءِ جاءِ ڏنائين.

هن جڳهہ تي لفظ يتيم جون ٻہ معنائون ٿي سگهن ٿيون ۽ ٻنهي لحاظ کان پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جا تمام پيارا پيارا شان ظاهر ٿين ٿا:

لفظ يتيم جي پهرين معنيٰ ۽ ان جي وضاحت

لفظ يتيم جي پهرين معنيٰ اها آهي تہ اهو ٻار جنهن جي پيدائش کان پهريان يا پوءِ ان جو والد انتقال ڪري وڃي، ان کي يتيم چئبو آهي.[1]

روايتن ۾ آهي تہ اسان جا آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم اڃا ظاهري دنيا ۾ تشريف ئي نہ کڻي آيا هئا، بيبي آمنہ رَضِيَ اللهُ عنها وٽ امانت هئا، جڏهن سندن والدِ محترم حضرت عبدالله رَضِيَ اللهُ عنہ واپار جي لاءِ ملڪِ شام ڏانهن روانا ٿيا، واپسيءَ تي مديني منوره پهتا، اتي ڪجهہ ڏينهن بيمار رهيا ۽ پوءِ الله پاڪ کي پيارا ٿي ويا.[2] ڇوتہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جا والدِ محترم سندن ولادت شريف کان پهريان ئي رخصت ٿي ويا هئا، ان ڪري مڪي شريف جا ڪجهہ ماڻهو کين يَتِيْمُ عَبْدِ الله چوندا هئا.

اهم وضاحت: هتي هڪ ڳالهہ خاص طور ذهن ۾ رکندا تہ علماءِ ڪرام پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي رڳو يتيم چوڻ کان منع ڪيو آهي، ان جي جاءِ تي کين دُرّ يتيم چوڻ گهرجي، دُرّ يتيم جي معنيٰ آهي: بي مثال موتي.

1...تفسير جلالين مع حاشيہ صاوی، پاره:30، سورۂ ضحیٰ، زيرِ آيت:6، جلد:3، جز:6، صفحہ:291۔

2...سيرة حلبيہ، باب وفاة والده صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم، جلد:1، صفحہ:74 ملتقطًا۔

والدِ محترم جي وفات ۾ حڪمتون

بهر حال! پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم دنيا ۾ ان حال ۾ تشريف کڻي آيا جو والد وفات ڪري چڪا هئا، ان ۾ به پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جا ڪيترا ئي شانَ آهن. حضرت امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِ جيڪي اهلِ بيت پاڪ جا تمام وڏا امام آهن، سندن خدمت ۾ سوال ٿيو: محبوبِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جا والدِ محترم سندن پيدائش کان پهريان ئي وفات ڪري ويا هئا، ان ۾ ڪهڙي حڪمت هئي؟ فرمايائون: ان ۾ حڪمت اها هئي ته مخلوق مان ڪنهن جا به حق سندن ذمي تي لازم نه رهن.[1]

يعني ماڻهو چاهي ڪيڏو به بلند رتبي وارو هجي، ماءُ پيءُ جا حق مٿس لازم رهندا ئي آهن، جيڪڏهن پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جا والدين دنيا ۾ تشريف فرما رهن ها ته انهن جا حق محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم تي لازم هجن ها، پر رب جي غيرت ڪي اهو گوارا ئي نه هو ته محبوب ان جو هجي ۽ مٿس ڪنهن بانهي جو حق لازم هجي، ان ڪري الله پاڪ والدينِ ڪريمين ڪي پهريان ئي پاڻ وٽ گهرائي ورتو ته جيئن سڄي مخلوق حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جا حق ادا ڪري پر حضور تي ڪنهن جو به حق لازم نه هجي.

يَا صَاحِبَ الْجَمَالِ وَيَا سَيِّدَ الْبَشَرِ

مِنْ وَجْهِكَ الْمُنِيْرِ لَقَدْ نُوِّرَ الْقَمَرُ

لَا يُمْكِنُ الثَّنَاءُ كَمَا كَانَ حَقُّهٗ

بَعْدَ اَزْ خُدا بُزُرگ تُوئی قِصَّه مُخْتَصَرْ

ترجمو: اي حسن و جمال جا مالڪ! اي انسانن جا سردار! توهان جي نوراني چهرن مان فيض ونندي چنڊ روشن آهي. توهان جي اهڙي تعريف بيان ڪرڻ اسان جي وس ۾ ناهي جهڙو توهان جو حق آهي، مختصرڪالهه اها آهي ته رب ڪريم کان پوءِ سيني کان وڏي (بزرگ تر) هستي توهان ئي آهيو.

1 ... مواہب اللدنیہ،المقصد الاول، آیات حملہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم ، جلد:1، صفحہ:64۔

سڀ عزتون الله پاڪ جي طرف کان آهن

پيارا اسلامي پائرو! پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي ولادتِ باسعادت کان پهريان والدِ محترم جي وفات ٿي، ان ۾ ڪيون به حڪمتون آهن: مثال طور ❁ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم يتيمن جا والي بڻجي ڪري تشريف کڻي آيا، تنهنڪري پنهنجو نندپڻ مبارڪ به انهيءَ حالت ۾ گذاريائون. ❁ اسان وٽ عام طور ائين ٿيندو آهي جو جڏهن اسان کنهن سلجهيل، سنجيده ۽ سليقي واري ٻار کي ڏسندا آهيون ته چوندا آهيون: والدين هن جي ڪيڏي سڻي تربيت ڪئي آهي. جڏهن ڪو سڻو ڪم ڪري ته پڇندا آهيون: کنهن جو پٽ آهين؟ جڏهن ٻڌايو وجي ته فلاڻي جو پٽ آهيان ته چوندا آهن: ها! اهڙو سليقيدار اولاد ان جو ئي ٿي سگهي ٿو.

هاڻي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي زندگي ڏسو، نندپڻ شريف کان ئي سندن هر ادا مان حُسن ئي حُسن جهلڪندو هو، هر هر انداز نرالو ۽ باڪمال هو، هر طريقي ۾ سليقو ئي سليقو هو. هاڻي اهو ممڪن هو ته ڪو پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ادائن کي ڏسي ڪري چوي ها ته هي حضرت عبدالله رَضِیَ اللهُ عَنْه جي تربيت جو نتيجو آهي، بيبي آمنه رَضِیَ اللهُ عَنْها پٽ جي تمام سڻي تربيت ڪئي آهي.

الله پاڪ جي غيرت کي اهو هرگز منظور نه هو، ان ڪري والدين ڪريمين کي پهريان گهرائي ورتو ته جيئن ڏسڻ وارا ڄاڻي ونن ته پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ❁ پيارا پيارا اخلاق ❁ نوراني ادائون ❁ باڪمال ۽ بي مثال انداز والدين جي تربيت نه پر خاص رب رحمٰن جون نوازشون آهن. [1]

1...شرح الزرقاني، المقصد الاول، وفاة عبدالله، جلد:1، صفحه:208 خلاصةً۔

تِرے خُلْق کو حق نے عظیم کہا، تِری خِلْق کو حق نے جمیل کیا
کوئی تجھ سا ہوا ہے نہ ہو گا شہا، ترے خالقِ حُسن و ادا کی قسم(1)

وضاحت: اي بي مثل ۽ بي مثال آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! خالقِ ڪائنات توهان جي اخلاقن کي عظيم فرمايو آهي ۽ توهان جي نوراني جسم کي رب ڪريم جميل فرمايو آهي. اي ٻنهي جهانن جا مالڪ! توهان جي حسين صورت ۽ بي مثال سيرت جي خالق جو قسم! نہ ڪو توهان جهڙو ٿيو آهي، نہ ٿيندو.

لفظ يتيم جي ٻي معنيٰ

پيارا اسلامي ڀائرو! عربي لغت ۾ لفظ يتيم جي هڪ معنيٰ منفرد ۽ يڪتا بہ آهي. مثال طور بي مثال موتي کي دُرِ يتيم چيو ويندو آهي. الله ڪريم فرمايو:

اَلَمْ يَجِدْكَ يَتِيْمًا فَاٰوٰى ۝٦ (پاره:30، سورۂ الضحیٰ:6)

ترجمو ڪنزُ العرفان: ڇا ان توکي يتيم نہ ڏٺو پوءِ جاءِ ڏنائين.

هن لحاظ کان معنيٰ اها ٿيندي تہ اي پيارا محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! توهان ۞ پنهنجي قوم ۾ ۞ پنهنجي قبيلي ۾ ۞ پنهنجي شهر ۾ بلڪ سڄي مخلوق ۾ يڪتا ۽ بي مثال هئا، ان ڪري الله پاڪ توهان کي جان نثار صحابہ عطا ڪري غلبو عطا فرمائي ڇڏيو.[2]

هن ۾ هاڻي صحابہءِ ڪرام رَضِيَ اللهُ عنهم جي بہ شان جو اظهار آهي تہ هن صورت ۾ لفظ فَاٰوٰى جو مصداق صحابہءِ ڪرام آهن. يعني محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم هر ڪمال ۾ يڪتا هئا ان ڪري کين سڀني نبين جي صحابين جي نسبت سان بي مثال صحابي عطا ڪيا ويا.

1...حدائقِ بخشش، صفحہ:80۔
2...تفسير قرطبی، پاره:30، سورۂ ضحیٰ، زيرِ آيت:6، جلد:10، جز:20، صفحہ:58۔

ڪائنات جون سڀ کان بهترين دليون

مسندِ امام احمد ۾ روايت آهي، صحابيءِ رسول حضرت عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ عنہ فرمائن ٿا: الله پاڪ ٻانهن جي دلين ڏانهن نظر فرمائي ته سڀني دلين ۾ بهترين دل محمد مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي هئي، ان ڪري ڪين الله پاڪ نبوت ۽ رسالت لاءِ منتخب فرمايو. وري رب ڪريم ٻين ٻانهن جي دلين ڏانهن نظر فرمائي ته صحابهءِ ڪرام جون دليون سڀني ٻانهن کان بهتر هيون، ان ڪري ڪين نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۽ دين تي قربانين لاءِ منتخب فرمايو ويو.[1]

صدیق و عمر عثمان و علی اور ان کے سوا اَصحابِ نبی
قربان رہے آقا پہ سبھی کی خوب رَفاقت کیا کہنا[2]

ہر صحابیٔ نبی!	جنّتی! جنّتی!	سب صحابیات بھی!	جنّتی! جنّتی!
چار یارانِ نبی!	جنّتی! جنّتی!	حضرتِ صدّیق بھی!	جنّتی! جنّتی!
اور عُمر فاروق بھی!	جنّتی! جنّتی!	عُثمانِ غنی!	جنّتی! جنّتی!
فاطمہ اور علی!	جنّتی! جنّتی!	ہیں حسن حسین بھی!	جنّتی! جنّتی!

ابوجهل جون جهالتون

وليد بن مغيره مڪي جو هڪ وڏو ڪافر هو، هڪ ڀيري اهو بارگاهه رسالت ۾ آيو ۽ چوڻ لڳو: جيڪڏهن نبوت واقعي ڪو وڏو منصب آهي ته ان منصب جي لائق ته مان آهيان.

1...مسند امام احمد، مسند المكثرين من الصحابة، مسند عبدالله بن مسعود، جلد:2، صفحه:484، حديث:3667۔

2...قبالۂ بخشش، صفحه:82۔

هاڻي ٿورو هن جي بيوقوفي ڏسو ته هن نبوت جي منصب جو معيار ڇا رکيو آهي! چوڻ لڳو: مان نبوت جو وڏيڪ حقدار آهيان، اهو ڇو؟ ان ڪري جو مان عمر ۾ وڏو آهيان ۽ مون وٽ مال به گهڻو آهي. ائين ئي ابوجهل چوڻ لڳو: مان ان وقت تائين ايمان نه آڻيندس جيستائين مونکي به نبي نه بڻايو وڃي.[1]

يعني اهي چوڻ چاهين پيا ته الله پاڪ کي جيڪڏهن نبي بڻائڻو ئي هو ته رڳو محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي ئي ڇو چونديو ويو؟ اهي به ته اسان جهڙا ئي آهن بلڪ ❁ عمر ۾ اسان وڏا آهيون ❁ مال ۾ اسان وڏا آهيون ❁ سرداريون اسان وٽ آهن، ان ڪري نبوت جا حقدار ته اسان ٿياسين. الله پاڪ ان تي آيت نازل فرمائي، ارشاد ٿيو:

اَللّٰهُ اَعْلَمُ حَیْثُ یَجْعَلُ رِسَالَتَهٗؕ (پاره:8، سورۂ الانعام:124)

ترجمو ڪنزُ العرفان: الله ان کي خوب ڄاڻي ٿو جتي پنهنجي رسالت رکي.
(سيپارو: 8، الانعام: 124)

مطلب هي آهي ته اي ابوجهل! اي وليد! توهان بيوقوف آهيو...! نبوت ڪَسبي ناهي جو مال يا اعمال جي بدلي ملي وڃي، نبوت ته خاص الله جو عطيو آهي. جيئن قيمتي موتي مَٹ ۾ ناهي رکيو ويندو، ان لاءِ خاص قيمتي تجوري بڻائي ويندي آهي، ائين ئي نبوت جو قيمتي موتي خاص ڪمالات وارن کي ئي عطا ڪيو ويندو ۽ جنهن کي نبوت ڏيڻي هجي، رب رحمٰن شروع کان ئي کيس ڪمالات عطا فرمائي ڪري پيدا ڪندو آهي.[2]

1...تفسير قرطبی، پاره:8، سورۂ انعام، زيرِ آيت:124، جلد:4، جز:7، صفحه:50۔
2... تفسير نعيمی، پاره:8، سورۂ انعام، زيرِ آيت:124، جلد:8، صفحه:84و 85 خلاصةً۔

پياري آقا جا ظاهري ڪمالات

پيارا اسلامي پائرو! امام فخر الدين رازي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تمام وڏا عالمِ دين ۽ مفسرِ قرآن آهن، پاڻ نهايت ئي ڪمال علمي نڪتو بيان ڪيو آهي، فرمائن ٿا: (جيتوٽيڪ نبوت ڪَسبي ناهي، اعمال ذريعي حاصل نٿي ڪري سگهجي، هي خاص الله پاڪ جو انتخاب آهي، البت) ربِ ڪريم جنهن کي نبوت جي لاءِ منتخب فرمائيندو آهي، اهو ضروري آهي تہ هو روحاني ۽ جسماني طاقتن ۾ بہ پنهنجي امت کان ارفع و اعليٰ هجن.[1] ان ڪري ❁ انبياءِ ڪرام عَليهمُ السلام ڏسڻ جي طاقت بہ امت کان وڌيڪ ڏني ويندي آهي، بڌڻ جي طاقت بہ سڀ کان وڌيڪ عطا ڪئي ويندي آهي ❁ چکڻ جي طاقت ❁ سنگهڻ جي طاقت ❁ ۽ ڇهڻ جي طاقت ❁ اهڙي طرح عقل ۽ فهم فراست ۽ ❁ سمجهڻ جي طاقت بہ انهن ۾ سڀني امت کان وڌيڪ هوندي آهي، وري انهن جو روح بہ پاڪ صاف ۽ لطيف هوندو آهي.

هاڻي ابوجهل چئي ٿو: نبوت مون کي ملڻ گهرجي ها. وليد بن مغيره چئي ٿو: نبوت مون کي ملڻ گهرجي ها، عُمير ثقفي چئي ٿو: نبوت مونکي ملڻ گهرجي ها.

الله پاڪ فرمائي ٿو:

اَللّٰهُ اَعْلَمُ حَيْثُ يَجْعَلُ رِسَالَتَهٗ ؕ (پاره:8، سورۂ الانعام:124)

ترجمو ڪنزُ العرفان: الله ان کي خوب ڄاڻي ٿو جتي پنهنجي رسالت رکي.
(سيپارو: 8، الانعام: 124)

يعني اي نبوت جا طلبگارو....!! ٿورو پنهنجي حالت تہ ڏسو...!! اسان جي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ڪهڙو مقابلو، انهن جو شانُ هيءُ آهي جو ❁ نظر ڪٽن تہ عرش تائين ڏسندا آهن، توهان کي ديوار جي پٹيان بہ نظر ناهي ايندو

1...تفسير كبير، پاره:8، سورۂ انعام، زيرِ آيت:124، جلد:5، صفحه:136، خلاصتاً۔

۞ اهي توجهه فرمائين تہ آسمان جا آواز ٻڌي ونندا آهن، توهان کي ٻہ ميل پري جو آواز ٻڌڻ ۾ ناهي ايندو. ۞ اهي ڳالهائين تہ حڪمت جا گل ڇڻندا آهين ۞توهان جي زبان مان گهٽ وڌ ڳالهين کان سواءِ ڪجهه ناهي نڪرندو ۞ هو قدم کڻن تہ ٿوري دير ۾ عرش کان مٿي جو سفر ڪري واپس اچي ويندا آهن، توهان کي شام تائين وڃڻ ۾ ٻہ مهينا لڳي ويندا آهن، وري انهن جي مقدس روح جي ڳالهه ڪئي وجي، پياري پياري دل جي ڳالهه ڪئي وجي تہ شانُ هي آهي جو

غنچۂ باغِ وحدت پہ لاکھوں سلام

لهٰذا توهان کهڙي منهن سان چئو ٿا تہ نبوت جا حقدار اسان آهيون، توهان جو منهن ان قابل ئي ناهي...!! اسان جا محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ۞ دُرِ يتيم آهن ۞ بي مثل آهن ۞ بي مثال آهن، يڪتا ۞ ۽ باڪمال آهن.

سب سے اَولیٰ و اعلیٰ ہمارا نبی
سب سے بالا و وَالا ہمارا نبی

اپنے مولیٰ کا پیارا ہمارا نبی
دونوں عالَم کا دُولہا ہمارا نبی

سارے اُونچوں سے اُونچا سمجھئے جسے
ہے اس اونچے سے اونچا ہمارا نبی

خلق سے اَولیا اَولیا سے رُسل
اور رَسولوں سے اَعلیٰ ہمارا نبی

جس نے ٹکڑے کیے ہیں قمر کے وہ ہے
نُورِ وَحدت کا ٹکڑا ہمارا نبی

لامکاں تک اُجالا ہے جس کا وہ ہے
ہر مکاں کا اُجالا ہمارا نبی[1]

1...حدائقِ بخشش، صفحہ:138-140 ملتقطًا۔

پياري آقا جا جسماني ڪمالات

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ فرمايو:

اَلَمْ يَجِدْكَ يَتِيْمًا فَاٰوٰى ۪ۖ (سيپارو: 30، الضحي: 6)

ترجمو ڪنزُ العرفان: ڇا ان توکي يتيم نہ ڏنو پوءِ جاءِ ڏنائين.

يعني اي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توهان سڄي زماني ۾ يڪتا ۽ بي مثال آهيو. هاڻي اسان جا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيئن يڪتا آهن، ڪيئن بي مثال آهن؟ ڪجھ روايتون ٻڌو: سلطان المفسرين حضرت عبدالله بن عباس فرمائن ٿا

لَمْ يَكُنْ لِرَسُوْلِ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ظِلٌّ

يعني حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي جسم مبارڪ جو سايو بلڪل نہ هو. پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن چراغ اڇيان ايندا هئا تہ حضور جو نور مبارڪ چراغ جي روشني تي غالب اچي ويندو هو ۽ جڏهن سج اڇيان تشريف ڪٽي ايندا هئا تہ سج جو نور آقا جي نور اڇيان وسامي ويندو هو.[1]

يہی منظور تھا قدرت کو کہ سایہ نہ بنے | ایسے یکتا کے لئے ایسی ہی یکتائی ہو (2)

مسلمانن جي پياري امڙ عائشہ صديقہ طيبہ طاهره رَضِیَ اللّٰهُ عنها فرمائن ٿيون: نور وارا آقا، مديني وارا مصطفي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن ڏڪهن ماڻهن جي وچ ۾ هلندا هئا تہ سيني کان مٿانهان نظر ايندا هئا پر حيرت جي ڳالهہ اها هئي تہ جڏهن انهن ڏڪهي قد وارن کان جدا ٿيندا هئا تہ سندن قد مبارڪ وچولو نظر ايندو هو.[3]

1... سبل الہدیٰ و الرشاد ،باب العاشر فی صفۃ وجہہ صَلَّی اللہُ عَلیہ وَآلہٖ و سَلَّم ،جلد:2 ،صفحہ:40 بتقدم وتاخر۔

2...ذوقِ نعت، صفحہ:205۔

3...خصائص الکبریٰ،باب الآیۃ فی طولہ صَلَّی اللہُ عَلیہ وَآلہ و سَلَّم ،جلد:1،صفحہ:116۔

تِرا قَد تو نادرِ دَہر ہے کوئی مِثل ہو تو مِثال دے
نہیں گُل کے پودوں میں ڈالیاں کہ چمن میں سَروِ چَماں نہیں(1)

وضاحت: اوهان جو قد مبارک سڄي زماني ۾ هڪ عجيب تحفو آهي، ان جو ڪو مٽ هجي تہ مثال ڏنو وڃي. چمن ۾ گلاب جي ٻوٹن جون سڏيون ٹاريون هجن يا سرو جو ڊگهو گهاٹو وڻ هجي اهي اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي ناز ۽ انداز سان هلندڙ خوبصورت قد جو مثال نٹا ٿي سگهن.

آسمان جي چڑچڑاٹ جوآواز ٻڌي ورتو

حديث پاڪ جي مشهور ڪتابن ترمذي، ابن ماجہ ۽ مسند امام احمد جي روايت آهي: هڪ ڏينهن سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: بيشڪ مان اهو ڏسندو آهيان، جيڪو توهان نٹا ڏسو، مان اهو ٻڌندو آهيان، جيڪو توهان نٹا ٻڌو. بيشڪ آسمان چڑچڑايو ۽ ان جو حق آهي تہ اهو چڑچڑائي، چوتہ آسمان تي چار آڱرين جي برابر بہ اهڙي جاءِ ناهي، جتي ڪو ملائڪ پيشاني رکي، رب ڪريم جي حضور سجدو نہ ڪري رهيو هجي.[2]

سُبْحٰنَ اللہ! پيارا اسلامي ڀائرو! پهريان تہ نگاهِ مصطفيٰ جو ڪمال ڏسو! زمين تہ زمين رهي، آسمان زمين کان ڪيئي ڀيرا وڏو آهي ۽ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم زمين تي رهي ڪري آسمان جو مشاهدو فرمائي رهيا آهن. ۽ ڏسو تہ ڪيڏو گهرو مشاهدو آهي جو آسمان جو چار آڱرين برابر حصو بہ اهڙو ناهي جيڪو نگاهِ مصطفيٰ کان لڪيل هجي. رسولِ رحمت، شفيعِ امت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم زمين تي ويهي ڏسي رهيا آهن تہ آسمان تي چار آڱرين جيترو هنڌ بہ خالي ناهي، جتي ڪو ملائڪ پيشاني رکي رب ڪريم جي حضور سجدو نہ ڪري رهيو هجي.

1...حدائقِ بخشش،صفحہ:109۔
2...ترمذی، کتاب الزہد، باب فی قول النبی:لوتعلمون ماعلم ،صفحہ :554 ،حدیث:2312۔

پوءِ سماعتِ مصطفيٰ جو بہ ڪمال ڏسو! آسمان هتان هزارين ڪلوميٽر پري آهي، اسان جهڙن عام انسانن کي تہ ٻئي ڪمري ۾ ويٺل ماڻهن جو آواز ٻڌڻ ۾ ناهي ايندو ۽ سرورِ عالم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جا مبارڪ ڪن اهڙا آهن جو زمين تي ويهي هزارين ڪلوميٽر پري آسمان جي چڙچڙاٽ جو آواز بہ ٻڌي وٺن ٿا.

دُور و نزدیک کے سننے والے وہ کان | کانِ لعلِ کرامت پہ لاکھوں سلام (1)

وضاحت: پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ ڪنن جو هي معجزو آهي تہ پري ۽ ويجهو ڪان برابر ٻڌندا آهن. اهي مبارڪ ڪن جيڪي عزت ۽ عظمت جي موتين جو چشمو آهن، انهن مبارڪ ڪنن تي لکين سلام هجن.

حديثِ پاڪ ۾ آهي، اسان جي پياري پياري آقا، رسولِ خدا، احمدِ مجتبىٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: منهنجو جيڪو بہ امتي مون تي درود پڙهندو آهي، اهو جتي بہ هجي، ان جو آواز مون تائين پهچندو آهي. [2]

سُبْحٰنَ اللّٰه! ڪيڏي عظيم الشان سماعت آهي...!! درودِ پاڪ پڙهندڙ درود پڙهندا آهن ۞ ڪو پاڪستان ۾ پڙهي رهيو آهي ۞ ڪو ترڪستان ۾ ۞ ڪو بخارا ۾ پڙهي رهيو آهي ۞ ڪو سمرقند ۾ ۞ ڪو آمريڪا ۾ درود پڙهي رهيو آهي ۞ ڪو آفريڪا ۾ ۞ ڪو جاپان ۾ ويٺي درود شريف جا نذرانا پيش ڪري رهيو آهي ۞ ڪو عراق ۾ ۞ مطلب تہ سڄي دنيا ۾ جتي جتي بہ مسلمان عاشقانِ رسول آهن، اهي درودِ پاڪ پڙهندا آهن پوءِ هي هڪ بہ نہ پر هزارين لکين مسلمان آهن، ڪو بہ وقت اهڙو نٿو گذري جو ڪٿي ڪو درودِ پاڪ نہ پڙهي رهيو هجي ۞ ڏينهن هجي يا رات ۞ صبح هجي يا شام ۞ ٻپهر هجي يا اڌ رات ۞ هر وقت لکن جي تعداد ۾ عاشقانِ رسول بارگاهِ مصطفيٰ ۾ درودن جا نذرانا پيش ڪري رهيا آهن ۽ ربِ

1...حدائقِ بخشش،صفحہ :300۔
2...امتاع الاسماع، السادسۃ والثمانون من خصائصہ...الخ، حدیث ابی الدرداء، جلد:11، صفحہ:65۔

كائنات پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي مبارک ڪنن کي اهو شان عطا فرمايو آهي جو پاڻ هر وقت سيني جو درود سماعت فرمائيندا آهن.

واللہ! وہ سُن لیں گے، فریاد کو پہنچیں گے | اِتنا بھی تو ہو کوئی جو آہ کرے دِل سے (1)

وضاحت: ڪو دل سان فرياد ڪري تہ صحيح، الله پاڪ جو قسم! پيارا آقا، مديني وارا مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرياد ٻڌي ٻہ ونندا ۽ مدد ٻہ فرمائيندا.

ٻين مبارک عضون جا معجزا

اي عاشقانِ رسول! اسان جا آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم سراپا معجزو آهن. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جا موءِ مبارک (وار مبارک) اهڙا ٻي مثال ۽ باڪمال آهن جو صديون گذري ويون ۞ اڄ ٻہ اَلْحَمْدُلِلّٰہ! دنيا ۾ هزارين عاشقانِ رسول وٽ صحيح سلامت موجود آهن ۞ اڄ ٻہ موءِ مبارک جي برڪت سان شفا ملندي آهي ۞ موءِ مبارک جي برڪت سان مشڪلاتون حل ٿيندیون آهن، سرڪارِ عالي وقار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي مبارک هٿن جي ڇالهہ ڪجي! تہ اهي اهي مبارک هٿ آهن جن جي برڪت سان شفا ملندي آهي. ۞ هٿ مبارک جنهن شيءِ کي ڇهي وڃن، ان کي زندگي بخشي ڇڏيندا آهن ۞ هڪ پيرو پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم هڪ آسيب زده (جنات جي اثر هيٺ) شخص تي هٿ مبارک گهمايو تہ ان کي شفا ملي وئي. [2] ۞ حضرت قتاده رَضِیَ اللهُ عَنْه جي اک نڪري پئي هئي، سرڪارِ عالي وقار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي پاڪ هٿ سان اک جو تارو واپس پنهنجي جاءِ تي رکيو تہ شفا نصيب ٿي [3] ۞ حضرت عبدالله رَضِیَ اللهُ عَنْه جي ٽنگ ٽٽي پئي هئي، سرڪار هٿ مبارک گهمايو تہ ٽٽل ٽنگ ٺيڪ ٿي وئي [4] ۞ غزوهءِ بدر جي موقعي تي حضرت عڪاشہ رَضِیَ اللهُ عَنْه جي تلوار ٽٽي پئي هئي، سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي هٿ مبارک سان ڪين

1...حدائقِ بخشش،صفحہ:143۔
2...مسند امام احمد ،مسند الانصار، جلد: 9 ،صفحہ:651 ،حدیث:24468 خلاصۃً۔
3...امتاع الاسماع،و اما رد الرسول عین قتادة ،جلد:11 ،صفحہ:330 خلاصۃً۔
4...بخاری،کتاب المغازی، باب قتل ابی رافع عبد اللہ ،صفحہ:1015 ،حدیث:4039 خلاصۃً۔

هڪ تاري پکڙائي تہ اها اچي چمڪندڙ تلوار بڻجي وئي[1] ۞ هڪ پيرو حضرت بشر بن معاوىہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي مٿي تي هٿ گهمايائون تہ سندن اها حالت ٿي وئي جو جنهن مريض کي هٿ لائيندا هئا، اهو شفايابَ ٿي ويندو هو[2] ۞ ۽ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم هڪ صحابي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي جسم کي هٿ لاتو تہ سڄي زندگي سندن جسم مان تازي خوشبو ايندي رهي.[3] اهڙي طرح زبان مبارڪ جي ڀَالهہ ڪجي تہ سُبْحٰنَ اللّٰہ! ڪيڏو شان آهي..! اعليٰ حضرت رحمۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا:

وہ زباں جس کو سب کُن کی کنجی کہیں | اس کی نافذ حکومت پہ لاکھوں سلام (4)

وضاحت: يعني اسان جي پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي زبانِ مبارڪ تقديرِ الاهيءَ جي ڪنجي آهي. جيئن جيئن هيءَ مبارڪ زبان چُرندي ويندي آهي، واقعا ايئن ئي ٿيڻ لڳندا آهن. هن زبانِ مبارڪ جا ڪمالات ڏسي چوٽو پوي ٿو تہ ڪائنات جي هر ڪنڊ ۾ ان جي حڪومت آهي ۽ اهڙي حڪومت تي لکين سلام هجن.

۞ زبان مبارڪ مان بس ڀَالهہ نڪرڻ جي دير هوندي هئي، جيڪو فرمائيندا هئا، اهو ئي ٿي ويندو هو. هڪ پيري حضرت علي المرتضىٰ، شيرِ خدا رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ عرض ڪيو: يَا رسولَ اللّٰہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم! سيءُ لڳي رهيو آهي. پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم دعا ڪئي: اي الله!

علي کان سيءُ ۽ گرمي دور فرماءِ. هن دعا کان پوءِ مولا علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي اها حالت ٿي وئي جو نہ کين سيءُ لڳندو هو نہ گرمي. پاڻ گرمين ۾ ٽلها ڪپڑا پائيندا هئا ۽ سياري ۾ سنها ڪپڑا پائيندا هئا.[5]

---

1 ...سيرة ابن ہشام، غزوۃ بدر الکبریٰ، قصۃ سیف عکاشہ بن محصن،جلد: 1، جز:2، صفحہ:223 خلاصۃً۔

2...کنزالعمال،کتاب الفضائل، فضائل الصحابۃ ،جز:13 ،جلد:7،صفحہ:130 ،حدیث:36856 خلاصۃً۔

3 ...سبل الہدیٰ و الرشاد،باب التاسع فی عرقہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیہ وَآلہٖ و سَلَّم و طیبہ ،جلد:2 ،صفحہ:86 خلاصۃً۔

4...حدائقِ بخشش،صفحہ:302۔

5...ابن ماجہ ، المقدمۃ، باب فضل علی بن ابی طالب رَضِیَ اللّٰہُ عنہ ،صفحہ:33 ، حدیث :117 ۔

اهڙي طرح چهرهءِ انور جي ڳالهه ڪجي تہ:

دیکھنے والے کہا کرتے ہیں اللہ! اللہ! | یاد آتا ہے خُدا دیکھ کے صُورت تیری[1]

❁ بلڪ هي تہ سراپا معجزو نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي جسم مبارڪ جي مقدس عضون جا معجزا آهن. ❁ جيڪڏهن صرف پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي نالي پاڪ جي ئي ڳالهه ڪجي تہ نالي مقدس محمد جون اهڙيون برڪتون آهن جو واهہ! سُبْحٰنَ الله! بني اسرائيل جي هڪ 100 سالن جي گنهگار نالي پاڪ جي تعظيم ڪئي، ان کي چمي اکين سان لڳايو، ربِ ڪائنات کي اها ادا اهڙي پسند آئي جو سندس 100 سالن جا گناهہ معاف فرمائي بخشش سان نوازي ڇڏيو.[2] روايتن موجب جنهن گهر ۾ محمد نالي وارو هجي، ان گهر ۾ برڪت ٿيندي آهي.[3] هڪ حديثِ پاڪ ۾ آهي: جيڪو منهنجي محبت ۾، منهنجي نالي جي برڪت ونڊ لاءِ پنهنجي پٽ جو نالو محمد رکي، اهو ۽ ان جو پٽ جنت ۾ ويندا.[4]

سُبْحٰنَ الله! هي آهن اسان جي آقا ۽ مولا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي ظاهري جسم مبارڪ جا ڪمالات...!! جڏهن ظاهري جسم مبارڪ جو اهو شان آهي تہ سوچيو! روحِ مقدس جا ڪمالات ڪهڙا هوندا...؟ اسان جهڙن جو ناقص علم انهن محبوبِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي روحاني ڪمالات تائين تہ پهچ ئي نٿو رکي...!! ❁ منهنجا آقا، بنهي جهانن جا داتا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهڙا اعليٰ ۞ اهڙا ارفع ۞ اهڙا نرالا ۞ اهڙا يڪتا ۞ اهڙا بي مثال ۞ اهڙا باڪمال آهن. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي هن ئي يڪتائي کي بيان ڪندي الله پاڪ فرمايو:

اَلَمْ يَجِدْكَ يَتِيْمًا فَاٰوٰى ۪

(پاره:30، سورۂ الضحیٰ:6)

ترجمو ڪنزُ العرفان: ڇا ان توکي

1...ذوقِ نعت، صفحہ:248۔
2... حلیۃ الاولیاء،رقم:250، وہب بن منبہ، جلد:4،صفحہ:45،حدیث:4695 خلاصۃً۔
3...شرح الزرقانی،مقصد الرابع،فصل الرابع ما اختص بہ صَلَّی اللہُ عَلَیہ وَآلہ و سَلَّم ،جلد:7،صفحہ:307۔
4...کنزالعمال،کتاب النکاح ، جلد:8، جز:16 ، صفحہ:175 ،حدیث:45215۔

يتيم نہ ڏنو پوءِ جاءِ ڏنائين.

يعني اي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان سڄي ڪائنات ۾ يڪتا ۽ بي مثال آهيو، تنهنڪري ۞ رب رحمٰن اوهان کي سيني جهانن جو نبي ۽ بڻايو ۞ سيني جهانن لاءِ رحمت ۽ بڻايو ۽ ۞ انتهائي جان نثار ۞ سيني امتن کان نرالا ۽ بي مثال صحابہ ۽ اوهان جي خدمت لاءِ چونڊي ڏنا!

منتخب آپ کی ذاتِ والا ہوئی — نامِ پاک آپ کا مصطفےٰ ہو گیا
آپ وہ نورِ حق ہیں کہ قرآن میں — وصفِ رُخ آپ کا وَالضُّحٰی ہو گیا
ایسا اعزاز کس کو خدا نے دیا — جیسا بالا ترا مرتبہ ہو گیا[1]

الله پاڪ اسان کي اهڙي بي مٹ ۽ بي مثال نبي، رسولِ هاشمي، محبوب نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي غلامي ۾ جيئڻ، پاڻ سڳورن جي غلامي ۾ مرڻ، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي غلامي جو تاج مٿي تي سجائي قيامت جي ڏينهن اٿڻ نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مدني قاعدو موبائيل ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي پائرو! قرآنِ ڪريم جو فيضان عام ڪرڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جي I.T ڊپارٽمينٽ هڪ موبائيل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي آهي، جنهن جو نالو آهي: مدني قاعدو ***(Madani Qaida)***. هن ايپلي ڪيشن ۾ مڪمل مدني قاعدو ۽ ان جي آڊيو ***(Audio)*** شامل ڪئي وئي آهي، يعني هن ايپلي ڪيشن ۾ توهان مدني قاعدي جي جنهن اکر يا جنهن لفظ تي ڪلڪ ***(Click)*** ڪندا، آڊيو ۾ ان جو تلفظ هلندو. ائين هن ايپلي ڪيشن جي مدد سان آساني سان

1...قبالۂ بخشش، صفحہ:68 ملتقطًا۔

مدني قاعدو پڑهي، ان جي مشق *(Practice)* ڪري درست مخارج ۽ ضروري تجويد سکي سگهجي ٿي. هي ايپلي ڪيشن پنهنجي موبائيل فون ۾ انسٽال ڪري ونو، پاڻ ۽ فائدو حاصل ڪريو ۽ ٻين کي به ترغيب ڏيو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

بيان کي پڃاڻي طرف آڻيندي هڪ شرعي مسئلو عرض ڪريان ٿو:

درست چا آهي؟

(درست شرعي مسئلو يا عوام ۾ پکڙيل غلط فهمي جي نشاندهي)

مسئلو: گهر ۾ صدقي جي شيءِ رکڻ کي منحوس سمجهڻ بدشگوني آهي.

وضاحت: عوام ۾ هي هڪ عام خيال پاتو وڃي ٿو ته مثال طور گوشت وغيره ذريعي يا پئسن ذريعي جڏهن صدقو ڏبو آهي ته عام طور تي گهر جون وڏيون عورتون چونديون آهن: صدقي جي شيءِ آهي، گهٽي دير گهر نه رکو! جنهن کي ڏيڻي آهي ڏئي ڇڏيو! نه ته نحوست ايندي. ائين ئي گهرن ۾ صدقي جا باڪس رکيل هوندا آهن، انهن بابت به ڪڏهن ڪڏهن خيال ايندو آهي ته صدقي جي رقم گهر ۾ رکيل آهي، ان سبب نحوست ايندي. هي رڳو غلط فهمي آهي. حديثِ پاڪ ۾ آهي: هر ڏينهن جي هڪ نحوست هوندي آهي، ان کي صدقي ذريعي دور ڪريو! تنهنڪري صدقو اهو عمل آهي جيڪو بلا جا اسباب گڏ ٿيڻ کان پوءِ به بلا کي دور ڪري ڇڏيندو آهي.[1] معلوم ٿيو: صدقو نحوستن کي پڃائڻ وارو آهي. ان جي ذريعي برڪتون ايندیون ۽ بلائون ويندیون آهن. ها! صدقو ڪيو ته ان کي جلد کان جلد غريبن تائين پهچائڻ گهرجي، دير نه ڪرڻ گهرجي. هي صدقي جي آدابن

1...كنزالعمال، كتاب الاذكار، سورة سبا، جلد:1، جز:2، صفحه:204، حديث:4556۔

مان آهي. الله پاڪ اسان کي درست اسلامي احڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اَسْمَاءُ الْحُسنٰى جون برڪتون (وظيفو)

يَاقَهَّارُ (اي انتهائي غلبي وارا...!!)

جڏهن به ڪا مصيبت اچي وڃي ته الله پاڪ جو مبارڪ نالو يَاقَهَّارُ100 ڀيرا پڙهڻ سان اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيم! اها مشڪل دور ٿيندي.[1] الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

1...مدنی پنج سوره، صفحه:248۔